"بس ڪريو. هوءَ اچي پيئي."

"گوپ صاحب! مون هڏي ورتو. هاڻي اٽڪڻگ چا لاءِ پيو ڪرين." شيلا ڪمري ۾ گهڙندي چيو.

"ڇگو ڀلا ڇا هڏءِ شيل پاڻي." گوپ ڏاڙهي پوري لاهڻ ڪاسواءِ ئي رئزر رکي ڇڏيو.

"اڙي اهوئي ته تون سڀني کي بس ڪرڻ لاءِ چئي رهيو هئين."

"ٻڌن ٿيو ته ڪجهه ڪونه ٻڌو اٿيئي." گوپ وري

# ڪشميري ساڙهي

ڏاڙهي لاهڻ شروع ڪري ڇڏي. ڪمري ۾ ويٺل ٻيٺل سڀني کان ٽهڪ نڪري ويو.

"اڙي واهه سڀ گڏجي پيا کلو. مونکي چيڙائڻ جي سازش سڀني اُتو. وتو مان به تو توهان سان گڏ کـلان، ويئي ته توهانجي سازش بيڪار."

"سازش جي سڪي! هاڻي گهڻو کليئه. جلدي سنڀر به سڀجي ٽوايي کي ڪانفرانس لئي دير ڪرائي ڇڏيندين." شيلا جي گهوٽ رام چيو.

هون، ٻهراڻ ٻولڪي ٻڌايو ته ڳالهه ڪهڙي آهي.“
شيل ماٺو ڪيو.

بسترو ويڙهڻ اڌ تي ڇڏي لڳو ۽ چيو، ”ڀڪي ٻدبل ٻاز آهين، ڳالهه ٻڌڻ لاءِ آئي آهين. ليڪن ٻاهران چوڻ ٻيئي نه ويٺي نه توهان جي سازش ٻيڪار.“

شيلا جو منهن ورن ورن ٿيڻ ٿيو پـــر ٻر ڪي وار لساڙڻ شروع ڪري ڇڏيائين. پگولتي جا هيترو وقت ڪل روڪي ويٺي هئي، تنهن ڪان شيلا جي شڪل ڏسي ٽهڪ ڪري ويو. شيلا جهٽ ڪيس جهپڪي پيئي. سندس چوٽي ڇڪي چيائين، ”سچ ڪر ته منهنجي کهڙيءَ ڳالهه تي ويٺا کلو.“

پگولتي ”اَلا اَلا، ٻيهه ٻلا ٻڌايانءِ ٿـي،“ چئي شيلا کان چوٽي ڇڏائي اڳيان ڪري، چوٽيءَ کي هٿ سان آروسي چيو، ”توهه توبهه. وڃاري چوٽيءَ کي ٿي ساٽو ڪري ڇڏيائين.“

”هاڻي ڇڏ اڱل، ڳالهه ڪر.“

”ٻائي ڏس، ڳالهه نه مان ڪاله ٻڌائيندس. تنهنجي گهوٽ هڪ شرط هاراني آهي ۽ ٻس.“

”۽ ٻس جي سڪي!“ چئي وري شيل وڃي پگولتيءَ جي چوٽيءَ ۾ هٿ ٿي وڌو ته پگولتيءَ کان ڪري ويو ٻلا گهوٽ کان لڪاني چوريءَ ٻئسا ڪٽي چو آنينءَ.“

”اَچا اها ڳالهه آهي. منهنجي ٻرانڪ منهنجي ٻيتيءَ

جي تلاشي ورتي اٿوَ."

رام مات ڪيو ويٺو هو. شيلا پڇيو، "توهان ڀلا شرط ڇاجي هاراٿي؟"

"شرط ٻرط ٻوءِ ڇڏيو. ٻهراڻ سنهري وٽ،" رام چيو. "نه ٻهراڻ مولڪي ٻڌايو."

"اڙي مون سمجهيو ته تون مون کان پئسا اڪائيندي ڪين آهين، پر دوست ٿيون، زالو سپاءِ ڪو وڃڻ جو آهي. مون به ڪٿي شرط رکي...." ان کان پوءِ رام هلڪو کليو. پر شيلا ڄاڻي ورتي ته رام کي دل ۾ ٿيو آهي.

لچوءِ چيو، "اڙي ٻاڻ چڱو ٿيو ته جو تنهنجي پيٽي مان پئسا نڪتا. هتي ته سيٺي جي اجيت ننگ ڪٽي ويٺي آهي. ڪشوَ ته سڀاڻي صبوح جو ٻمبئي واپس وڃڻ ٿو چاهي. هو ڪانفرنس لي اڄ پيراڻ پنڌ ويو آهي."

شيلا جي همت ماڻ ٽٽي ڪري ويٺي. پٽ مان ٽٽي ڪٽندي چيائين، "هان، هوڙي ٽڏ ۾ چار ميل پنڌ!"

گلاب پنهنجي ڏاهه نيڪ ڪندي چيو، "مولڪي جي خبر هجي ها ته دهلي ۾ ڪاڏي ويٺي؟ ٻاڙن پٽن لي اٿرو خرچ اچي ويندو ته. هتي ايشيا ته ڇا پر دنيا جي ليکڪن جي ڪانفرنس لي به ڪوله اچان هئا. الهي خرچ جي معاملي ڪري ٿي ته سال بسال سفر ڪرڻ جي ڦري پاس به ريلوي وارن کان ته ونڊو آهيان."

ڪمري جو والو منڊل گڏيئر ٿي ويو. ڪنهن پوڙهه

جا ڏاڍا پٽي پڏا، ڪڏهن سيد پٽي ڪئي، ڪڏهن همپس پائيندي پائيندي قلم ڪٽي شعر لکڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. پر سڀ سڻ هئا. رام ماڻ کي نوڙڻ لاءِ چيو، ”وشنو ڀڳوان، تون اهڙا سوڙ ڪڏهن ڇڏيندين. اندر ڪنوار کي وينو ياد ڪرين، ڪين کا ڪهاڻي وينو سوچين. جلدي اُٿ، اڄا نه ڏاڙهي لاهڻ تي ڪلاڪ لڳائيندين.“

وشني سوڙ پري ڦٽي ڪندي چيو، ڏاڙهي نه اَدل راس جو ني لاهي سمهيو هوس.“

”ڇو سدان؟“

”ڇهڙيءَ تڏ پر روز توروئي سدان ڪجو.

”چلو ڇٽي هو ڪئي. تڏهن اهڙا پنج منٽ سمهي پئو.“ رام ڪلي چيو.

وشنو سمهيو ڪين. اُٿي ڪانفرنس تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳو.

شيلا ڏيري ڏيري وارن ۾ ڦڻي ڪهائي رهي هئي. ليڪن سندس دماغ ۾ صبح وارو نظارو ڦري رهيو هو. هوءَ صبح جو سويل اُٿي نل تي پيست ڪرڻ وئي هئي ته ڪشو ڪانٽس تي اڳ ئي پينو ڏندڻ ڪري رهيو هو. سندس نظر ڙمين تي کتل هئي. شيلا چيو، ”ڪشو، تون اڄ موڪو جو پيو لڳين.“ ڪشوءَ هڪ ڪن لاءِ پنهنجون ڳاڙهيون اکيون مٿي ڪيون. چيائين، ”بس سان اڄ

خلاص آهيان!“ ۽ ڏنڊ ڦٽو ڪري گرڙاٽون ڪري لڪڙو لڪڙو هليو ويو. ان وقت ته ڪشوءَ جي خلاص هجڻ جو مطلب هوءَ سمجهي نه سگهي هئي. پر هينئر سندس ڪن ۾ ڪوئي رڙيون ڪري چئي رهيو هو. ”اڄ ڪشوءَ جا ٽهڪ خلاص آهن.“

ڪانفرنس جا پنج ڏينهن ڪشو کلندو کلائيندو رهيو هو. اڃا ٻه ڏينهن اڳ جي ڳالهه هئي. ڪشوءَ چيو هو، ”مان هتي قطب مدار ته ضرور ڏسندس.“ دوستن پڇيو هو، ”ڇا لاءِ؟“ ڪشوءَ چيو هو، ”دل ٿي ٿئي ته جنهن دنيا هيل سوڌو موڪلي غريبيءَ جي واٽن ۾ ڪرائي ڏنو آهي، اُن کان قطب مدار تان ٻئي پاڻ کان گهٽو هيٺ ڏسان.“

دوستن ”خوب خوب“ چئي وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا هئا ۽ ڪشوءَ به خوب کليو هو. هڪ ته اهين به چيو هو ته، ”ڪشو قطب مدار تي چڙهڻ سان پڪ ٿي ڪو عمدو شعر لکندو.“

ٻن ڇوڪرين ۾ رهندي ٻتندي شيلا جي اکين ۾ پاڻي آيو. دل ۾ چيائين، ”ڪشو اڄ هيڏو رستو پنڌ ٿي ويو آهي! ڇو ته هن جا ڪيسا خلاص آهن ۽ منهنجي پيٽيءَ جي تري ۾ لڪيڙو ٻنولٽون پراڻور آهي ۽ جنهن ۾ پيل هڪ اوٽ ۾ لکل آهي هڪ نمدا - ڪشميري ساڙهي پاٽڻ جي نمدا!...“

"راڻي صاحبا، اڄ ڪانفرنس ۾ ليکڪ ۽ آزاديءَ جي وشيه تي بحث آهي ۽ مان ان ۾ اهو وچار پيش ڪرڻ وارو آهيان ته ليکڪائن کي مٿي ٿي وارن رکڻ کان آزادي ڏني وڃي."

هڪ وڏي ٺهڪڙي سان ڪمري جو ڪٽيئر واءِ مڏبل ٽٽي پيو. سڀني جا سهي سنئري اچي بس جي "ڪيوُ" ۾ ويٺا. ليو، رام ۽ شيلا جي وچ ۾ ويٺو هو. ڪجهه شيلا جي پڙڻ لاءِ ۽ ڪجهه رام ڏانهن ڏسندي چيائين، "پڳونتي کي تاج محل ڏسڻ لاءِ ڏاڍي دل آهي." رام مرڪي چيو، "شڪر جو تنهنجي دل ناهي."

ليو چپ چاپ، دکهي سڙڪ کي تڪيندو رهيو. شيلا ڦري وڃي پڳونتيءَ جي ڀر ۾ ويٺي. هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي تورو زور ڏنائين، سندس اکين ۾ ڏسڻ لڳي. پڳونتيءَ کائي چيو، "ڇا ٿي ڏسين؟"

"ڏسان ٿي تاج محل جي ڏسڻ لاءِ تنهنجي اکين ۾ ڪيتري اُڪير ڀريل آهي."

"پوءِ نه نااُميد ٿيڻو پوندو."

"ڇو؟"

"ڇو ته منهنجون اکيون نه پنهنجي پتيءَ کي پنهنجي چهنائن کان آجو ۽ شاهجهان وانگر فلڪ وارو ڏسڻ جي اُڪير سان ٿي ڀريون پيئون آهن."

"پر ليوءَ جي اکين ۾ نه صرف تنهنجون تمنائون

پورو ٿيون ڪرڻ جي اڪير پري پيئي آهي...."

بس اچي ويئي. پگولتيءَ شيلا جا پويان لفظ شايد ڪين ٻڌا ۽ پئي سکيون هٿ هٿ ۾ ڏيئي بس ۾ وڃي چڙهي ويٺيون. بس هلندي رهي. پئي سکيون ڪيترو وقت پنهنجن خيالن ۾ محو هيون. آخر شيلا پگولتيءَ کي ٽونڊ هڻي چيو، "ڪجهه سوچين پيئي ڇا؟"

"ڇا ٿي اڄهي ته ڪاله تي سوچيان، پر سوچ ويچار جون لهرون خود بخود وڃيو تاجمحل سان ٽڪرائين. جيڪڏهن توهان سيٺي جي سنگت جو موهه ڇڏي وڃي ڇاچيءَ جي گهر ٽڪون ها ته جيڪر ڪاڏي پيٽي جو خرچ بچائي سگهون ها."

شيلا کان ٻ گهڙ ساهه کڻي ويو. ڪانفرنس جي هال ۾ پهچڻ تائين وري سکيون چپ رهيون. سپ جڏهن هال ۾ اندر وڃي ويٺا ته رام پر ۾ ويٺل شيلا کان پڇيو، "توکي وري ڇا ٿيو؟"

"ڪجهه ڪين."

"ڏاڍي مونجهاري ۾ پيئي ڏسجين."

"توبه، شڪل پڙهڻ به شل نه ڪير سکي. توهان کان ته هاڻي ڪجهه لڪائي سگهجي." شيلا پنهنجي منهن ۾ ڏسي مرڪڻ لڳي. آهستي چيائين، "ڪنهن کي قطب منار ڏسڻ جي چاهنا آهي. پگولتيءَ کي تاج محل ڏسڻ لي دل آهي ۽ مونکي ڪشميري ساڙهي

پاڻ جي تمنا آهي. ليڪن منهنجي ٻٽونئين ۾ ايترا پئسا ڪٿي آهن جو تنهنجي جون خواهشون پوريون ٿي سگهن!...."

رام جي پاسي ۾ وينل ڇوڪري چيو، "مهربان، ڳالهيون گهر هلي ڪجو. ٻاهران ليڪچر ته ٻڌو."

پر شيلا جو من ليڪچر ۾ نه لڳو. هوءَ تصور ئي تصور ۾ وڃي ممبئي واري ننڍڙي گهر ۾ پهتي، جتي سندس ساهيڙي تنوُ پنهنجي ڪشميري ساڙهيءَ جو پلئُه شيلا جي ڪلهي تي لٽڪائي چئي رهي هئي، "ههڙي ساڙهي دهليءَ مان ضرور وٺي اچج. اُتي جٽيون هڪ جهڙي ساڙهي پائي فلڪ سان گهمنداسين." هوءَ اڃا الاجي ڪيترو وقت سوچڻ ۾ محو رهي ها، جو رام ڪٽي ايئر فون سندس ڪن تي رکيو. روسي ليکڪ ڳالهائي رهيو هو، "اسان جي ملڪ ۾ ليکڪ کي لکڻ لاءِ پنهنجي آجيوڪا جي چنتا ۽ سندس ڪتابن جي ڇپجڻ جي چنتا کان آزادي آهي...." شيلا جون اکيون ازخود ڪشوهه ڏاهن کڄي ويون، جنهن جون اکيون آجيوڪا جي تلاش ۾ ڀٽڪندي ڏرا ڏئي ويئون هيون.

شيلا ڌيان لڳائي ليڪچر ٻڌڻ لڳي- "....اسان جي ملڪ ۾ ڪو به ليکڪ ڪٿهن به جڳهه، جو مشاهدو ماڻڻ چاهي ته سندس خرچ سرڪار ڀريندي آهي. هن کي اهڙي چنتا نه ڪرڻي پوندي آهي...."

شيلا جون اکيون وڃي پر ۾ وينل سکيءَ جي منهن ۾

ڪٿيون. ٻگولتي شيلا طرف ڪنڌ جهڪائي چيو، وري
ڇا ويٺي ڏسي منهنجي هٿن ۾؟“

شيلا، ٻگولتيءَ جي هٿ کي ٿپڪي هڻي چيو،
”تون شاهه جهان ۽ ممتاز جي محبت جو محل ڏسڻ ٿي
چاهين نه....؟“

”نه شيل، مان شاهه جهان ۽ ممتاز جي محبت جو
محل ڪٿي ٿي ڏسڻ چاهيان!“ ٻگولتيءَ چيو.

شيلا وائڙي ٿي ٻگولتيءَ جي چهري کي تڪڻ لڳي.
”مان ته انهن محنت ڪش هٿن جي پورهئي جو پرتاپ
ڏسڻ ٿي چاهيان جي منهنجي ڏيهه جي هٿن جيان پيارا
هئا، جن پنهنجن ٻچن ۽ رهندڙ پريتمائن کي زنده رکڻ
لاءِ ۽ پنهنجن آهن کي سيءَ کان بچڻ لاءِ محنت
ڪري، هي محبت جو محل کڙو ڪيو هو.

شيلا هڪ پيار ڀري نگاهه ٻگولتيءَ تي وجهي دل ۾
چيو، کهڙي نه سهڻي لمدا!“ ۽ اندر ۾ ڪوئي فيصلو
ڪري ورتائين. ان کان پوءِ سندس من شانت ٿي ويو
۽ ڪيترن ليکڪن جا وياکيان پڙهندي رهي، جن ۾ لکڻ
لاءِ آجيوڪا جي اولي کان آزادي ۽ گهمڻ ڦرڻ ۽ سوچڻ
ويچارڻ جي آزاديءَ تي زور ڏنل هو.

رات جو ڪانفرنس تان موٽي شيلا ڪپڙا به ڪونه
بدلايا. ٻهراڻ ٻهراڻ وڃي پنهنجي پيتيءَ مان انديڙو
ٻٽو لٽون ڪڍيائين. ان مان ڪجهه رپيا ڪڍي ڪٿوءَ

جي پيٽيءَ ۾ وجهي ڇڏيائين. سڀ دوست ڪانفرس جي ڪارگذارين جي ٽيڪاٽپڻي ڪرڻ ۾ مشغول هئا. شيلا ڀڳونتيءَ کي ٻاهر وٺي وئي. سندس ساڙهيءَ جي پلئه ۾ باقي پيا رپيا ٻڌي ڇڏيائين. ڀڳونتيءَ اکين ۾ مرڪ ڀري پڇيو "اهو ڇا؟"

"تاج محل..." شيلا وڌيڪ ڇئي نه سگهي. ٻئي سکيون گلي مليون ته سندن اکين ۾ چلڪي رهيو هو شفاف جل ۽ دل ۾ چلڪي رهي هئي هڪ اڻاهم خوشي!

ڀڳونتيءَ جي هلي وڃڻ کان پوءِ شيلا دالان جي سرد ڏاڪڻ تي ويهي رهي. پري کان وڏي ڪمري منجهان دوستن جو ٽهڪڙو وايو منڊل جـي سرديءَ ۾ ڪجهه گرمي آڻي گم ٿي ٿي ويو. اوچتو ڪنهن اچـي ڪيس هٿ کان ورتو شيلا ڇرڪي وئي.

"اڙي ڪيو ٿي ڇا اتر ڇـو ڇرڪي وئينءَ؟" رام چيو. شيلا شرمائجي وئي. رام به سندس ڀر ۾ ويهي رهيو. چيائين، "هي ٻٽولٿون... تو مونکان پئسا ڇو لڪايا شيل؟"

شيلا پنهنجي چپ کي چڪ پائي چيو، "توهانکي ان ڪري شرط هارائڻي پيئي، ان جو مونکي ڏاڍو ڏک آهي."

"پر ٻٽولٿون تـه خالي پيو آهي. پئسا ڪيڏانهن ويا؟" "مون ڪشوءَ ۽ ڀڳونتيءَ کي ڏئي ڇڏيا."

رام ٻوڙ ۾ ٻڏجي شيلا جو هٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺي چيو، "انهن؟... تڏهن مون دوستن کان شرط کٽي ورتي."